USAID
FROM THE AMERICAN PEOPLE

F R D P
FAST RURAL
Development Program

CONCERN
worldwide

# ٿرپارڪر ۾ ڏڪار سٽيل ڌنبن لاءِ مال جي چاري جي هنگامي سهائتا يونين ڪائونسل ڪينسر ۾ تعلقو ڏاهلي، ضلعو ٿرپارڪر ۾ مال جي چاري جي ورهاست وارو پروگرام

## چونڊ جو طريقيڪار

### ڳوٺ چونڊڻ جو طريقيڪار

هيٺين ڳالهين يا حالتن جي بنياد تي ڳوٺن جي چونڊ ڪئي ويندي.
اهڙا ڳوٺ جن ۾ چاري جي موجودگي ڪونهي.
اهڙا ڳوٺ جتي وڏيڪ جانور بيمار آهن.
اهڙا ڳوٺ جتي جانورن جي پيداوار گهٽ آهي.
ڳوٺ ۾ چوپائي مال جو تعداد.
اهڙا ڳوٺ جتي چاري جا وسيلا گهٽ آهن.
ڳوٺ ۾ گذريل ڇهن مهينن ۾ ڪيترا جانور مري ويا يا بيمار ٿيا.

### مستحق گهراڻن جي چونڊ

اهڙا گهراڻا جن ڪي 1 کان وٺي وڌ ۾ وڌ 14 ٻڪريون موجود هجن.
اهڙا گهراڻا جن وٽ وڏن جانورن (ڳئن) جو تعداد 1 هجي ۽ ننڍا جانور 4 کان وڌيڪ نہ هجن.
هڙا گهراڻا جن جي سربراھ عورت يا بيواھ عورت هجي.
اهڙا گهر جن ۾ معذور ڀاتي آهن.
اهڙا گهر جن جي مهيني جي آمدني 8000 کان گهٽ آهي.
اهڙا گهر جن ۾ ڀاتين جو تعداد وڌيڪ آهي.
اهڙا گهر جن ڪي 5 ايڪڙن کان گهٽ زمين آهي.
اهڙا گهراڻا جن جا ڪچا گهر ٺهيل آهن.
اهڙا گهر جن وٽ مال جو چارو خريد ڪرڻ جي سگهہ ناهي.
سرڪاري ملازم هن منصوبي مان فائدو نہ وٺي سگهندا

## ڳوٺاڻي تنظيم جي عهديدارن جون ذميواريون

### صدر جون ذميواريون

1۔ منصوبي جي سڀني ڪمن جي نگراني
2۔ سڀني ڳوٺاڻن کي منصوبي مان فائدو وٺرائڻ ۽ انهن جي حوصلہ افزائي ڪرڻ.
3۔ سڀني ڳوٺاڻن سان برابريءَ وارو ورتاءُ ڪرڻ تہ جيئن اهي منصوبي مان فائدو وٺي سگهن.
4۔ تنظيم جي ميمبرن سان باقاعدگي سان گڏجاڻي ڪرڻ تہ جيئن ڳوٺاڻن کي پيش ايندڙ مسئلن کي حل ڪري سگهجي.
5۔ ايف آر ڊي پي جي ٽيم سان هر ڪم ۾ مڪمل سهڪار ڪرڻ تہ جيئن منصوبي کي ڪامياب بڻائي سگهجي.
6۔ ڳوٺ جي سڀني گهرن مان مڪمل ۽ حقيقي معلومات گڏ ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ.
7۔منصوبي ۾ سامان جي ورهاست مهل سرگرمين ۾ پورو حصو وٺڻ ۽ ڳوٺاڻن کان رضاڪارانہ طور حصو وٺرائڻ.

### جنرل سيڪريٽري جون ذميواريون

1۔ڳوٺاڻي تنظيم جي ٿيندڙ گڏجاڻين جو رڪارڊ ناهڻ
2۔ تنظيم جي ٿيندڙ گڏجاڻن جي ڪارروائي لکي رکڻ.
3۔ ڳوٺاڻن کي پيش ايندڙ مسئلن کي تنظيم جي صدر تائين پهچائڻ.
4۔ تنظيم جي ميٽنگ لاءِ ميمبرن کي گڏ ڪرڻ.
5۔ صدر جي غير موجودگيءَ ۾ ان جي ذميوارين کي سنڀالڻ تہ جيئن تنظيم جي ڪمن ۾ رڪاوٽ نہ اچي.
6۔ منصوبي جي ڪمن ۾ رضاڪارانہ طور تي حصو وٺڻ تہ جيئن سيئي ڪم آسانيءَ سان ڪري سگهجن.

### ميمبرن جون ذميواريون

1۔ ڳوٺ جي سمورن پاڙن ۾ گهر گهر وڃي سار سنڀال لهڻ.
2۔ ڳوٺاڻن کي پيش ايندڙ مسئلن جي نشاندهي ڪري انهن کي جنرل سيڪريٽري تائين پهچائڻ.
3۔ منصوبي طرفان ڏنل سهڪار جي معيار کي برقرار رکڻ لاءِ گهر گهر وڃي ڳوٺاڻن جي رهنمائي ڪرڻ.
4۔ منصوبي ۾ مليل چاري کي استعمال ۾ آڻڻ کي يقيني بنائڻ.
5۔ ڳوٺ ۾ ٿيندڙ گڏجاڻن ۾ شرڪت لاءِ ڳوٺاڻن کي گڏ ڪرڻ.
6۔ منصوبي جي هر پيغام کي هر گهر تائين پهچائڻ.
7۔ منصوبي جي هر ڪم ۾ رضاڪارانہ طور حصو وٺڻ.

پاران: فاسٽ رورل ڊيولپمينٽ پروگرام - ايف آر ڊي پي     سهڪار: ڪنسرن ورلڊ وائيڊ ۽ يو ايس ايڊ